## ب هيٺيان خال پريو:

1. اڄ تہ باغن ۾ ___بهاريون___
2. چا ___هوائون___ هير واريون
3. ___صورتون___ سيئي سونهاريون
4. ڪارَ پنيان ڪار ___ڪڪرن___

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| بَهادري | بهادريون | ساراهہ | ساراهون |
| ڪونج | ڪونجون | هوا | هوائون |
| قطار | قطارون | صورت | صورتون |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ساراهہ | تعريف |

جملو: اسان سڀني کي الله تعاليٰ جي ساراهہ ڪرڻ گهرجي.

| سمايل | پوئيل |
|---|---|

جملو: گلاب جي گل ۾ خشڪ ٿيڻ ڪانپوءِ بہ خوشبوءِ سمايل هوندي آهي.

| سونهارا | خوبصورت |
|---|---|

جملو: گلاب ۽ چنبيليءَ جا گل وڏيڪ سونهارا آهن.

# تِترُ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مکيہ | اهم | ميرانجهڙو | ميري رنگ جو |
| چٽ | داغ | ڪڙهون | ڇهنبون |
| پڙڪي | چوڪ پري | ساهي | ساهہ / دم |
| | | پٽ | ڌرتي |
| قوڙيندي | توڙيندي | آرو | آنن تي ويهڻ |
| ڪمائتو | ڪم وارو | نپائي | پالي |

### سبق جو خلاصو

اسان جي ملڪ ۾ پکي گهڻن ئي قسمن جا آهن. انهن مان ڪي خشڪيءَ جا تہ ڪي پاڻيءَ جا پکي آهن. خشڪيءَ جي پکين مان تتر هڪ خاص پکي آهي. تتر جا بہ قسم ٽين ٽا. هڪڙو اڇو يا بگڙو تتر، ٻيو ڪارڙو تتر. اڇو تتر ميرانجهڙو ۽ ڀورو ٿيندو آهي، ان تي ناسي چٽ هوندا آهن.انهي تتر جي نر ۽ ماديءَ جورنگ هڪجهڙو هوندو آهي.

ڪارڙي تتر جو رنگ وري ڪارو هوندو آهي. ان جي ڪنين تي اڇا چٽ ۽ مٿي تي وري موڙ هوندو اٿس. تتر ٻين پکين وانگر هڪ ساهيءَ ۾ اڏامي نہ سگهندا آهن، پر ٿورو ٿورو اڏامي وري لهي ايندا آهن. تترن جي ٻولي بہ عجيب ٿيندي آهي. جڏهن تہ بگڙي ۽ ڪارڙي تتر جي ٻولين ۾

فرق هوندو آهي.

بگڙا تتر وڻن تي آکيرا ڪونہ ناهين پر رات جو وڻن تي ويهندا آهن. ڪارڙو تتر وري نڪو آکيرو ناهي نہ ئي وڻن تي رات گذاري.

تتر ڏاڍو ڪمائتو پکي آهي. حڪومت طرفان هن جي بچاءُ ۽ واڌ لاءِ خاص بندوبست ڪيل آهي. هن جي شڪار جي هڪ مند ٿئي ٿي. هروقت هن جي شڪار ڪرڻ تي پابندي هوندي آهي.

مطلب تہ تتر هڪ اهڙو پکي آهي، جيڪو نہ رڳو اسان جي ملڪ پاڪستان جي سونهن آهي، پر هڪ ڪمائتي شيءِ آهي. بهتر ٿيندو جو نہ رڳوتتر جي نسل بچائڻ لاءِ سندس واڌ لاءِ بہ اُپاءَ ورتا وڃن.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. تتر پکيءَ جا گهڻا قسم آهن؟

ج. تتر پکيءَ جا مکيہ بہ قسم آهن.

2. ڪارڙو تتر ڪٿي رهندو آهي؟

ج. ڪارڙو تتر پٽ تي رهندو آهي.

3. تتر پکيءَ جي شڪار ڪرڻ تي پابندي ڇو آهي؟

ج. تتر پکيءَ جي شڪار ڪرڻ تي پابندي ان ڪري آهي جيڪڏهن تتر جو شڪار ٻارهن مهينن تائين جاري رهي تہ تتر جو نسل ئي ختم ٿي وڃي.

### ب هيٺيان خال ڀريو

1. تتر سنڌ جي ____سونهن____ آهي.
2. ____تتر____ جو شڪار ٻارهن مهينا ڪجي تہ نسل ئي ختم ٿي وڃي.
3. بگڙي تتر جا ____نر____ ۽ ____ماديون____ جوڙي جوڙي ٿي رهندا آهن.
4. ____ڪارڙي____ تتر جي مادي وري پٽ تي ئي آنا ڦوڙيندي آهي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڪارو | اڇو | مادي | نر |
| انسان | حيوان | مٿي | هيٺ |
| پابندي | آزادي | هڪجهڙو | مختلف |

## د لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ميرانجهڙو | ميرو |

جملو: اڇڙو تتر ميرانجهڙو هوندو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| آرو | اندن تي ويهڻ |

جملو: بگڙي تتر جي مادي ڏهن کان پندرهن ڏينهن ۾ زمين تي آرو ڪندي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ساهي | دم |

جملو: تتر اڏامندڙ پکين وانگر هڪ ساهيءَ ۾ اڏامي ناهن سگهندا.

# سنڌو درياءُ




## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چوان | پڌايان | سينگار | سونهن |
| نروار | ظاهر | ندين | دريائن |
| سردار | اڳواڻ | آڌار | آسرو |
| گهي | گسائي | ڪين | نہ |
| بر | غيرآباد زمين | آب | پاڻي |
| سانوڻ | اونهارو | اڪسير | اثر واري |
| شاد | آباد | خلق | عوام |
| سدا | هميشه | ساري | سڄي |
| پلايون | چڳايون | پاندا | گودام، اسٽور |
| ڪيتن | پوڪن | سموري | سڄي |

## بيتن جي سمجهاڻي

سڀ دريائن جو بادشاهہ
۽ سنڌ ڌرتيءَ جو ساهہ پساهہ
هن سان سيني جو آ چاهہ
اهو آهي پيارو سنڌو درياءُ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ سنڌ مان وهندڙ سنڌو درياءُ سيني دريائن جو بادشاهہ آهي ۽ سنڌ لاءِ ساهہ جي حيثيت رکي ٿو. تنهن ڪري ان سان هرڪوئي پيار ڪري ٿو.

هن تي ٻنيون ٻارا ٿين ٿا
باغيچا پڻ پيارا ٿين ٿا
جيءَ جا جيڪي جيارا ٿين ٿا
بيگانن جا سهارا ٿين ٿا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي اسان جا فصل ٿين ٿا، باغ باغيچا ٿين ٿا، جيڪي اسان جي جيءَ جا جيارا آهن ۽ بيگانن جا پڻ سهارا آهن.

وڏنڊڙ وڏنڊڙ هن جون ڇوليون
هن جون موجون آهن لوليون
ڪيڏو ديس جو خيال رکي ٿو
ڏکيون گهڙيون پڻ ناهي سوليون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته سنڌو درياءَ جون ڇوليون ڏاڍيون وڏنڊڙ آهن، هن جون ڇوليون، لولين جهڙيون لڳن ٿيون، جو ته هي سنڌ ڌرتيءَ جو تمام گهڻو خيال رکي ٿو ۽ ڏکن ۾ پڻ اسان جو ساٿي آهي.

هي تار وهي ٿو راتو ڏينهن
گجگوڙ ڪري ٿو ڄڻ آ شينهن
هي آهي جياپو ”تصور“ جو
هن سان جيون جو آهي نينهن.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته هي درياءُ تمام پريل وهي ٿو ۽ شينهن وانگي گجگوڙ پيو ڪري. سنڌو درياءُ تصور سان گڏ سڄي سنڌ جو جياپو آهي، ۽ ان سان اسان جو گهاٽو لاڳاپو آهي.

## مشق

**١** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سيني دريائن جو بادشاهه ڪهڙو درياءُ آهي؟

ج. سيني دريائن جو بادشاهه سنڌو درياءُ آهي.

2 سنڌو درياءُ ڪنهن وانگر گجگوڙ ڪري ٿو؟

ج: سنڌو درياءُ شينهن وانگر گجگوڙ ڪري ٿو.

3 سنڌ جون ٻنيون ٻارا ۽ باغيچا ڇاتي ٿيندا آهن؟

ج: سنڌ جون ٻنيون ٻارا ۽ باغيچا سنڌو درياء جي ڪري ٿيندا آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو

1. هن تي ٻنيون ٻارا ___ٿين___ ٿا
2. وٽندڙ وٽندڙ هن جون ___چوليون___
3. سڀ ___دريائن___ جو بادشاهه
4. ___سنڌ___ ڌرتيءَ جو ساهه، پساهه

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| بادشاهه | غلام | صبح | شام |
| رات | ڏينهن | ڌرتي | آسمان |
| زندگي | موت | سولي | ڏکي |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ٻني | ٻنيون | گهڙي | گهڙيون |
| چولي | چوليون | سهارو | سهارا |
| لولي | لوليون | رات | راتيون |

سبـق 24

# ڪفايت شعاري



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪفايت شعاري | بچت جو طريقو | ڪارائتي | ڪم واري |
| روئڻو | دک ظاهر ڪرڻ | آڏو | اڳيان |
| ٿنگڻ | جهلڻ | ڪيچي قاڙجي | احتياط ڪجي |
| سخاوت | دريا دلي | خوددار | غيرت مند |
| افضل | اعليٰ | حاجتمند | ضرورتمند |
| آهر | جيترو | اسڪيمون | رٿائون |

## سبق جو خلاصو

ڪفايت شعاريءَ جو مطب آهي تہ بچت جي عادت، انسان جيڪو ڪجهہ ڪمائي انهيءَ مان ايندڙ وقت جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ بچائي رکجي. سياڻن سچ چيو آهي تہ اهو ڪي ڪجي جو آئي ويل ڪم اچي. ڪڏهن ڪڏهن ڏکيو وقت اچي مٿان پوندو آهي، جو ڪنهن حادثي، بيماريءَ يا آسماني آفت اچڻ ڪري اهڙي حالت نہ رهندي آهي، جو ماڻهو ڪجهہ ڪمائي سگهي ۽ اهڙي صورت ۾ بچائي رکيل رقم وڏو ڏڍ ثابت ٿيندي آهي.

ڪفايت شعاريءَ جو هرگيز اهو مقصد بہ نہ آهي تہ ماڻهو پيٽ سان پٽر ٻَڌي پنهنجو وقت گذاريندو رهي ۽ رڳو پئسا بچائيندو رهي، پر ڪفايت شعاري جو صحيح مقصد اهو آهي تہ اهڙو وڇڙو خرچ ڪجي، جو سٺي گذر سفر سان گڏ ڪجهہ بچت بہ ٿيندي رهي.

جائز ۽ ضروري خرچ ڪرڻ ۽ حاجتمند جي مدد ڪرڻ پُڄندي وارن ماڻهن جو فرض آهي. ساڳئي وقت هڙ لٽائي فاقا ڪيڻ کان بہ پاسو ڪرڻ گهرجي. قناعت ڪرڻ لازمي آهي، پر ائين بہ نہ ٿئي جو جائز ۽ گهربل خرچ ۾ بہ هٿ پيڇ ڪجي. ڪيترا ماڻهو هوندي سوندي بہ پنهنجي حالت خراب ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪنجوسي ۽ بخيلي ڪري الله تعاليٰ جي نعمتن جي ناشڪري ڪندا آهن. ان ڪان هروقت بچڻ گهرجي.

سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ هميشہ سنڀالي قدم کڻي. اهڙي وچولي هلت هلي جو وقت بہ خوش گذاري ۽ ڏکئي وقت لاءِ بچائي بہ رکي. اڄڪلهہ بچت جون ڪافي اسڪيمون حڪومت طرفان بہ جاري ڪيل آهن. بچت ۽ ڪفايت شعاريءَ ذريعي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪفايت شعاريءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج. ڪفايت شعاريءَ جي معنيٰ آهي، بچت جي عادت.

2. اجائي خرچ ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

ج. اجائي خرچ ڪرڻ سان مفلسي اچي ٿي، اجايو خرچ ڪرڻ وارو ضرور پريشان ٿيندو آهي.

3. بچت جا فائدا ڪهڙا آهن؟

ج. بچائي رکيل رقم ڏکئي وقت ۾ نهايت ڪارائتي ٿيندي آهي، بچت ڪرڻ وارا ٻئي جي آڏو هٿ نه ٽنگيندا آهن، ۽ زندگي به سٺي گذاريندا آهن.

4. الله تعاليٰ جي نعمتن جي ناشڪري ڪيئن ٿي ٿئي؟

ج. ڪجهه ماڻهو سڀ ڪجهه هوندي به پنهنجي حالت خراب ڪري پيا هلندا آهن. اهڙن قسمن جي ڪنجوسي ۽ بخيلي الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن جي لڪيل نا شڪري آهي.

## ب هيٺيان خال پريو:

1. اجايو ___خرچ___ نه ڪرڻ گهرجي.
2. اهو ڪي ڪجي جيڪو ___مينهن___ وسندي ___ڪم___ اچي.
3. بخيلي الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن جي ڪليل ___ناشڪري___ آهي.
4. حاجتمند جي ___ضرورت وقت مدد___ ڪجي.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. ڪفايت شعاريءَ جي معنيٰ آهي راند جي عادت. **غ**
2. سياڻن چيو آهي ته ”اهو ڪي ڪجي، جو ايندڙ ويل ڪم اچي.“ **ص**
3. سياڻن جي چوڻ موجب ته سخاوت ضرور ڪجي پر فضول خرچي نه ڪجي. **ص**

4 جائز ۽ ضروري خرچ ڪجي ۽ حاجتمند جي ضرورت وقت مدد ڪجي. ص

## ڊ لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪنجوس | پڪو |
| جملو | ڪنجوس ماڻهوءَ کي ڪو به پسند نه ٿو ڪري. |
| ڪارائتي | فائدي واري |
| جملو | بچائي رکيل رقم ڏکئي وقت ۾ ڪارائتي ثابت ٿيندي آهي. |
| پشيمان | شرمنده |
| جملو | فضول خرچي ڪرڻ وارو پشيمان ۽ پريشان ٿئي ٿو. |
| فضول | اجايو |
| جملو | الله تعاليٰ فضول خرچي ڪندڙ کي ”شيطان جو ڀاءُ“ سڏي ٿو. |
| بخيلي | بخل ڪرڻ |
| جملو | بخيلي الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن جي کليل ناشڪري آهي. |

## ر هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ ٻڌايو.

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| ڪيچي ڦاڙڻ | ضرورت جيترو خرچ ڪرڻ |
| سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ | حيثيت مطابق خرچ ڪرڻ |
| آئي ويل ڪم اچڻ | ڏکئي وقت ۾ ڪم اچڻ |

سبق 25

# ڪوٽڙي بئراج



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| زرعي ملڪ | کيتيءَ وارو ملڪ | مدارُ | نرڀر |
| دائمي طور | هميشه لاءِ | رٿ | منصوبو |
| رٿي | سوچي | گهربل | ضرورت ۾ |
| ورڪشاپ | ڪم جي جڳهه | تعمير | اڏاوت |
| بئراج | پُل | اڏاوت | ٺاهڻ |
| پيڙهه | بنياد | تڪميل | پورو ڪرڻ |
| افتتاح | شروع ڪرڻ | پيادا | پيدل |
| لنگهه | گزر | نگراني | ڏسڻ |
| ڪپ | ڪنارو | پيجاري | واهه جو نالو |
| مستقل | هميشه | ايڪڙ | ٻه جريب |
| ڪارائتو | ڪم وارو | ڪارا ڪبڙ | گاهه / وڻ |

## سبق جو خلاصو

اسان جو ملڪ بنيادي طرح هڪ زرعي ملڪ آهي. ان ڪري هتي آبپاشيءَ جو نظام سڌارڻ ۽ بهتر بڻائڻ جو خاص خيال رکيو وڃي ٿو. سنڌ صوبي ۾ زراعت جو دارومدار سنڌو درياءَ ۽ ان مان نڪرندڙ واهن تي آهي.

سکر بئراج مان نڪرندڙ دائمي واهن کان سواءِ سنڌو درياءَ مان ڪي موسمي واهه به وهندا هئا.

باقي درياءَ جو سمورو پاڻي وهي وڃي سمنڊ ۾ ڪرندو هو.

1946_47ع ۾ هڪ رٿ رٿي وئي ته ڄامشوري وٽ سنڌو درياءَ تي هڪ بئراج به ٺاهيو وڃي، جنهن ذريعي واهه وهائي لاڙ جي غير آباد زمين به آباد ڪئي وڃي.

12 فيبروري 1950ع تي ان وقت جي گورنر جنرل خواجه ناظم الدين هن بئراج جي پيڙهه جو پٿر رکيو. 5 سالن جي محنت کان پوءِ 15 مارچ 1955ع تي ان جو افتتاح ٿيو، جيئن ته هي بئراج ڪوٽڙيءَ ڪي ويجهو آهي، ان ڪري ان کي ڪوٽڙي بئراج جو نالو ڏنو ويو.

هن بئراج جي تعمير تي ڪل 5 ڪروڙ 57 لک روپيا خرچ آيو. ان کان سواءِ هن مان وهندڙ واهن ۽ شاخن جي تعمير تي 124 ڪروڙ روپيا خرچ ٿيا. هن بئراج جي ڊيگهه اٽڪل هڪ ڪلوميٽر آهي. هن ۾ 44 دروازا آهن، جن مان هرهڪ اٽڪل 18 ميٽر ويڪرو ۽ 7 ميٽر اوچو آهي.

هن بئراج جي ساڄي پاسي کان ڪلري بگهار نالي هڪ دائمي واهه آهي، جڏهن ته ساڄي پاسي کان 3 واهه پراڻي ڦليلي، پڃاري ۽ لائينڊ چئنل نڪرن ٿا.

هن بئراج ٺهڻ ڪانپوءِ بدين، ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعي جي زرعي پيداوار ۾ تمام گهڻو واڌارو آيو. جتي اڳي ڪارو ڪلر ۽ ڪارا ڪٻڙ هئا، اُتي هاڻي ساوڪ لڳي پئي آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪوٽڙي بئراج ڪڏهن ٺهي تيار ٿيو؟

ج: سيپٽمبر 1954ع ۾ هي بئراج ٺهي تيار ٿيو.

2. هن منصوبي تي ڪل خرچ ڪيترو آيو؟

ج: هن منصوبي تي 5 ڪروڙ 75 لک روپيا خرچ آيو.

3. هن بئراج جي نهرن سان ڪيتري ايراضي آباد ٿي؟

ج: هن بئراج مان نڪتل واهن تي ڄام شورو، حيدرآباد، ٽنڊي محمد خان، بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي 28 لک ايڪڙ زمين تي رهي آهي.

4. ڪوٽڙي بئراج نهرن سان ڪهڙا فائدا حاصل ٿيا آهن؟

ج: ڪوٽڙي بئراج جي نهرن سان زرعي پيداوار ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي، جتي سارين ۽ ڪمند جا تمام سُٺا فصل ڪيا وڃن ٿا. جتي اڳ ۾ ڪارو ڪلر ۽ ڪٻر هئا، هاڻي ساوڪ ئي ساوڪ آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ڪو وقت هو جڏهن درياءَ صرف ___آبڪلاٽي___ ۾ وهندا هئا.
2. واهن کي ٻه ___دائمي___ طور تي وهائڻ جو بندوبست ڪيو ويو.
3. ___سکر___ بئراج مان ڪجهه اهڙا به واهه وهندا هئا جيڪي موسمي هئا.
4. ___تمر___ جا ٻيلا به انهيءَ پاٽيءَ تي پيدا ٿين ٿا.
5. سنڌو نديءَ جي ___ڪابي___ ڪپ تي ڪل ٽي واهه آهن.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. پاڪستان هڪ ملڪ آهي:

(i) زرعي ✓ (ii) معدني (iii) معاشي

2. سکر بئراج ٺاھيو ويو:

(i) 1931ع ۾ (ii) 1932ع ۾ ✓ (iii) 1933ع ۾

3. 12 فيبروري 1950ع تي ان وقت جي گورنر جنرل خواجہ ناظم الدين ھن بئراج جي پيڙھ جو پٿر رکيو.

(i) 12 جنوري (ii) 12 فيبروري ✓ (iii) 12 مارچ

4. 15 مارچ 1955ع تي ھن عظيم بئراج جو افتتاح ڪيو ويو.

(i) 15 جنوري ✓ (ii) 15 فيبروري (iii) 15 مارچ

5. ڪوٽڙي بئراج ۾ 44 دروازا آھن.

(i) 44 ✓ (ii) 45 (iii) 46

## د لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پيڙھ | بنياد |
| جملو | خواجہ ناظم الدين ھن بئراج جي پيڙھ جو پٿر رکيو. |
| زراعت | ٻني ٻاري جو ڪم |
| جملو | پاڪستان جي آباديءَ جو دارومدار زراعت تي آھي. |
| افتتاح | شروعات |
| جملو | 15 مارچ 1955ع تي ھن عظيم بئراج جو افتتاح ٿيو آھي . |
| فٽ پاٿ | پيدل ھلڻ وارو رستو |
| جملو | ڪوٽڙي بئراج جي پُل تان ٻنھي پاسن کان فٽ پاٿ ٺھيل آھي. |

## ر ھيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| گھٽو | گھٽا | نقشو | نقشا |
| آبادي | آباديون | زمين | زمينون |
| رت | رتون | فائدو | فائدا |

سبق 26

# پوليو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | | |
|---|---|---|---|
| پوليو | اڌ رنگ | | |
| ڪيفيت | حالت | | |
| لڙي | مڙي | | |
| بندوبست | انتظام | | |
| ڦڙا | قطرا | پرچار | راضي |
| رضاڪاراڻي | خدا واسطي | پرپور | پريل/پوري پوري |

## سبق جو خلاصو

پوليو انگريزي لفظ آهي. ٻارن کي اڌ رنگ يا فالج جي بيماري ٿئي ته ان کي پوليو چئبو آهي. هن بيماريءَ جي حملي ۾ ٻانهن يا ڄنگھ سڪي وڃي ٿي. هيءَ بيماري هڪ جيوڙي جي ڪري ٿئي ٿي. جيڪو تنتي سرشتي تي اثرانداز ٿيندو آهي.

هن بيماريءَ جو حملو اوچتو ٿيندو آهي، زڪام ۽ نزلي سان گڏ تيز بخار ٿيندو آهي. ڳري حملي جي صورت ۾ ٻار چيلهه تي زور ڏئي ويهي به نه سگهندو آهي ۽ سندس ڪنڌ به هڪ پاسي لڙي پوندو آهي. هن قسم جي حملي ۾ ٻار جو موت به ٿي سگهي ٿو.

ٻارن کي پوليو کان بچائڻ لاءِ سرڪاري اسپتالن ۾ هڪ قسم جا ٽُڪا هڻائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. جتي اهي ٽڪا مفت ۾ لڳايا وڃن ٿا. ٻارن کي پوليو جا ٽڪا هڻائڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪنهن ٻار تي پوليو جو حملو ٿئي ته هڪدم ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کان علاج شروع ڪرايو وڃي. اٽڪل ٻن هفتن کان پوءِ ٻار جي عضون کي زور سان پر هلڪي مالش ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ ڪيس

طاقت جون دوائون کارائي هلکي ورزش کرائڻ گهرجي، ائين بيمار ٻار جلد تندرست ٿي ويندو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 پوليو ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي؟

ج پوليو انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

2 پوليو ڪهڙي بيماري آهي؟

ج پوليو بيماريءَ جي ڪري ٻار جون ٻانهون ۽ ٽنگون سُڪي وينديون آهن.

3 پوليو جا ڪهڙا اثر ٿيندا آهن؟

ج پوليو جي اثر ڪري ٻار ڇيلهه جي زور تي ويهي به ناهي سگهندو ۽ ان ٻار جو ڪنڌ به هڪ پاسي تي لڙي ويندو آهي، جنهن سان ٻار جي حياتي به وڃي سگهي ٿي.

4 پوليو کان بچاءَ لاءِ سرڪاري طور ڇا ڪيو ويو آهي؟

ج پوليو کان بچاءَ لاءِ سرڪاري اسپتالن ۾ هڪ قسم جا ٽُڪا هڻائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي.

5 پوليو جي حملي واري ٻار کي ڪهڙيءَ طرح چڱو ڀلو ڪري سگهجي ٿو؟

ج پوليو جي حملي واري ٻار کي طاقت واريون دوائون کارائجن، ورزش ڪرائجيس، بسترو نرم هئڻ گهرجيس ۽ هلڪو کاڌو کارائجيس ته چڱو ڀلو ٿي ويندو.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1 پوليو ۾ 102 ۽ 104 ڊگري بخار ٿي ويندو آهي.

2 ننڍڙي جيوڙي جي ڪري پوليو جي بيماري ٿيندي آهي.

3 پوليو جو حملو تورو به ٿيندو آهي ۽ گهٽو به.

4 ٻار کي ننڍي عمر ۾ ئي پوليو جا ٽُڪا هڻائڻ گهرجن.

### ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1 پوليو جي بيماريءَ جي ڪري ٻار جون ٻانهون يا ٽنگون سُڪي وينديون آهن. ص

2. ڊاڪٽرن جي تحقيق موجب هڪ ننڍڙي جيوڙي جي ڪري پوليو جي بيماري ٿيندي آهي. ص

3. پوليو کان بچائڻ لاءِ سرڪاري اسپتالن ۾ هڪ قسم جو ڪوبہ بندوبست ڪيو ويو آهي. غ

4. پوليو بابت ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ اخبار، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي تشهير ڪئي وڃي ٿي. ص

5. پوليو جي حملي جي صورت ۾ ڪافي دير بعد ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو وڃي. غ

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ننڍن | وڏن | نقصان | فائدو |
| بيمار | تندرست | ڀانهون | ڄنگهون |
| ظاهر | باطن | عام | خاص |

## ر لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جيوڙو | جراثيم |
| جملو | ڊاڪٽرن جي تحقيق مطابق هڪ جيوڙو آهي جنهن جي ڪري پوليو جي بيماري ٿيندي آهي. |
| ڪيفيت | حالت |
| جملو | پوليو بيماريءَ ۾ ٻارن کي بيزاريءَ واري ڪيفيت ورائي ويندي آهي. |
| رضاڪاراڻي | بنا معاوضي |
| جملو | سماجي تنظيمون ۽ عام ماڻهو بہ رضاڪاراڻي طور پوليو مهم ۾ حصو وٺن ٿا. |
| ورزش | ڪسرت |
| جملو | اسان کي روزانو ورزش ڪرڻ گهرجي. |
| لڙي وڃڻ | مڙي وڃڻ |
| جملو | پوليو جهڙي خطرناڪ بيماريءَ جي ڪري ٻار جو ڪنڌ هڪ پاسي لڙيي ويندو آهي. |



# ماحول جي گدلاڻ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
| --- | --- | --- | --- |
| پري رهڻ | پرهيز | وايومنڊل | ماحول |
| پاڻي واريون | آبي | مدي جو بخار | ٽائيفائيڊ |
| بيڪار | ضايع | ڪرڻا | شعاع |
| ڦهلائينديون | پکيڙينديون | اردگرد | آسپاس |
| جاندار | جيوت | خراب | گندو |
| قدم | اپاءَ | اثرونڊ | متاثر |
| وڻ پوکڻ | وڻڪار | اڪيلي | افرادي |

## سبق جو خلاصو

اسان جي آسپاس موجود سموريون شيون هڪ ”ماحول“ جوڙين ٿيون. هڪ ننڍڙي ٻار جو ماحول سندس گهر هوندو آهي، جنهن ۾ هن جا والدين گهر ۾ موجود سموريون جاندار ۽ بيجان شيون اچي وڃن ٿيون، ٻار جڏهن وڏو ٿيندو آهي ته سندس ماحول ۾ ڪشادگي اچي ويندي آهي. اهڙي طرح هو هر ماڻهوءَ وانگر مڪمل شهري يا ٻهراڙيءَ واري ماحول جو حصو بڻجي ويندو آهي. اهو ته آهي طبعي ماحول. ان کان سواءِ قدرتي ماحول به ٿيندو آهي، جيڪو قدرت طرفان هر هنڌ موجود آهي، جيئن: هوا، پاڻي، گهم، زمين، ٻيلا، جهنگ ۽ جبل وغيره.

ماحول جي گدلاڻ مان مراد ماحول جي هوا، پاڻي ۽ زمين ۾ اهڙي اڻ وڻندڙ تبديلي آهي، جنهن مان انسان ۽ حيوان جي زندگيءَ ۽ رهائش

وارين حالتن تي خراب اثر پون. ان کي ”ماحول جي گدلاڻ“ چئبو آهي.

اسان جي ماحول کي ڪيترين ئي ڳالهيون گدلو ڪن ٿيون، جن جا ذميدار اسان خود ئي آهيون. مثال: گند ڪچرو، ڪارخانن مان نڪرندڙ گندا مادا، موٽر گاڏين، ڪارخانن، سرن جي ڀٽن مان نڪرندڙ دونهون ۽ زهريلي گئس، ڪيميائي پاڻن جا اثر، اهڙيون شيون آهن، جيڪي اسان جي ماحول کي هروقت گندو ڪندا رهن ٿا.

ماحول جي گدلاڻ مختلف قسم جي ٿيندي آهي. مثال:

(1) فضائي گدلاڻ (دونهين وغيره جي ڪري فضا خراب ٿي ويندي آهي).

(2) پاڻيءَ جي گدلاڻ (خراب پاڻيءَ جي استعمال سبب پاڻيءَ جي گدلاڻ وڌي ٿي). (3) زميني گدلاڻ (گند ڪچرو، پلاسٽڪ جو غلط استعمال زميني گدلاڻ جو سبب آهي). (4) تابڪاري شعاعن جي گدلاڻ (ايڪس ريز ۽ بين انساني جسم جي فوٽو ڪڍڻ سان اها گدلاڻ وڌي ٿي). (5) گوڙ ۽ شور جي گدلاڻ (هر طرف، هروقت آوازن جي شور جي ڪري به ماحول ۾ گدلاڻ پيدا ٿئي ٿي).

ماحول جي گدلاڻ کان بچڻ جي لاءِ اسان سڀني کي گڏجي اپاءَ وٺڻ گهرجن ۽ ڪوشش ڪريون ته پنهنجي پنهنجي پاڙي کي صاف سٿرو رکون ته جيئن اها گدلاڻ پيدا نه ٿي سگهي.

## مشق

### ① هينين سوالن جا جواب لکو.

① ماحول ڇاکي سڏيو وڃي ٿو؟

ج ماحول عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”وايو منڊل“ آسپاس جون سموريون شيون اسان جو ماحول جوڙين ٿيون، ۽ ان کي ئي ماحول سڏيو وڃي ٿو.

② ماحول جي گدلاڻ مان ڇا مراد آهي؟

ج ماحول جي گدلاڻ معنيٰ هوا، پاڻي ۽ زمين ۾ اهڙي تبديلي جيڪا اڻ وڻندڙ هوندي آهي جنهن سان انسان ۽ حيوان جي زندگيءَ تي

خراب اثر پون ٿا.

3 فضائي گدلاڻ مان ڇا مراد آهي؟

ج گاڏين مان نڪرندڙ دونهون، جهاز جي ٻارڻ مان نڪرندڙ گئس جيڪي ماحول لاءِ تمام نقصانڪار آهن. جن سان اها گئس سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ، نائٽروجن، ڪاربان مونو آڪسائيڊ، هائڊرو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ فضا ۾ شامل ٿي فضائي گدلاڻ پيدا ڪن ٿيون.

4 گدلي پاڻيءَ مان ڦهلجندڙ بيمارين جا قسم ڪهڙا آهن؟

ج گدلي پاڻيءَ جي ڪري ٿيندڙ بيمارين جيئن پيٽ جو سور، مروڙ، پيچس، ٽائيفائيڊ ۽ پيٽ جون بيماريون، مدي جو بخار وغيره انهيءَ جو ڪارڻ آهن.

5 تابڪاري شعاعن جا ڪهڙا اثر هاڃيڪار آهن؟

ج تابڪاري شعاعن جي ڪري ڪينسر ۽ ٻيون ڪيتريون ئي خطرناڪ بيماريون ٿين ٿيون.

6 صحت لاءِ گوڙ ڇو نقصانڪار آهي؟

ج صحت لاءِ گوڙ شور نقصانڪار آهي. اسان جا ڪن گهٽي گوڙ ٻڌڻ جي ڪري ٻڌڻ جي سگهه وڃائي سگهن ٿا. جنهن جي ڪري مٿي ۾ سور ۽ ٿڪاوٽ جو احساس پيدا ٿئي ٿو.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1 ماحول کي صاف سٿرو رکڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي.

2 اسان جي گهرن جو ماحول گندڪچري جي ڪري گندو رهي ٿو.

3 اسين پاڻ ماحول جي گدلاڻ جا ذميواري آهيون.

4 موجوده دؤر ۾ ائٽمي طاقت جو استعمال ضرورتن جي پورائي لاءِ گهٽو ڪيو وڃي ٿو.

5 ڪارخانن مان اٿندڙ تابڪاري شعاع اسان تائين پهچن ٿا.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1 ماحول عربي زبان جو لفظ آهي.

(i) فارسي (ii) سنڌي (iii) عربي ✓

2. گاڏين مان نڪرندڙ دونھون، جھاز جي ٻارڻ مان نڪرندڙ گئس جيڪي ماحول لاءِ تمام نقصانڪار آهن.

(i) فائديمند (ii) مناسب (iii) نقصانڪار ✓

3. گندي پاڻيءَ مان ڪيترين ئي بيمارين پکڙجن ٿيون.

(i) گندي ✓ (ii) دريائي (iii) ساموندي

4. اسان جي گھر جو ماحول گند ڪچري جي ڪري گندو رهي ٿو.

(i) گندو ✓ (ii) سٺو (iii) ٻئي

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ماحول | وايومنڊل |
| جملو | اسان ماحول جي گدلاڻ جا پاڻ ذميوار آهيون. |
| شعاع | ڪرڻا |
| جملو | ڪارخانن مان اٿندڙ تابڪاري شعاع صحت لاءِ نقصانڪار آهن. |
| گدلاڻ | گندگي |
| جملو | ماحول جي گدلاڻ جي ڪري ڪيترين بيمارين ٿين ٿيون. |
| مجموعو | ميڙ |
| جملو | لائبريريءَ ۾ مختلف ڪتابن جو مجموعو هوندو آهي. |
| ڪشادگي | وسعت |
| جملو | ٻار جيئن وڏو ٿيندو ويندو ان جي ماحول ۾ ڪشادگي ايندي ويندي. |

## ر هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| شعاع | شعائون | خرابي | خرابيون |
| ذميواري | ذميواريون | مراد | مرادون |
| بيماري | بيماريون | ذخيرو | ذخيرا |

# بهار آيو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مرڪ | ڪِلَ | تن | جسم |
| سايو | ساوَل | جَهولن | لوءِ / گرم هوا |
| پرند | پکي | اڏي | اڏامي |
| پٽن | ڌرتي | هنڊايو | ورهايو |

## بيتن جي سمجهاڻي

سيئي چپن تي مرڪ سجايو، بهار آيو، بهار آيو
پکين خوشيءَ ۾ هي گيت ڳايو، بهار آيو، بهار آيو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي ته سيئي پنهنجي چپن تي خوشين جا گيت ڳايو ۽ مرڪو، ڇوته بهار جو موسم آيو آهي.

سرءُ ۾ جن جا سڙي ويا پن، سڙيا ها انهن جا ڏکن ۾ تن
انهن وڻن تي به ٿيو آ سايو، بهار آيو، بهار آيو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي ته سرءُ جي مند ۾ جيڪي سڙيا هئا ۽ ڏکن ۾ رهيا هئا، انهن تي به خوشيءَ جو سايو ٿيو آهي، ڇو ته بهار جو موسم آيو آهي.

جيڪي ماڻهو تنگ ٿي ويا هئا، خزان جي جهولن ۾ جي سڙيا هئا
انهن به خوش ٿي ڪلي ٻڌايو، بهار آيو، بهار آيو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي ته جيڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کان بيزار ٿي ويا هئا ۽ گرم هوائن ۾ پئي سڙيا هئا، اهي هاڻي خوش پيا نظر اچن، ڇو ته بهار جو موسم آيو آهي.

پرند جيڪي اُڏي نہ سگھيا، پري گھرن ڪان وڃي نہ سگھيا

پکيئڙن پر ڪولي سٽايو، بهار آيو، بهار آيو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي تہ گرم هوائن جي جهولن جي ڪري ڪي ويچارا پکي پنهنجي گھرن ڪان پري نہ پئي وڃي سگھيا، هاڻي انهن بہ خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. چو تہ بهار جو موسم آيو آهي.

زمين سرسبز ٿي وئي آ، پٽن ڪي پوشاڪ پئجي وئي آ

هي بيت ”انمول“ جا هندايو، بهار آيو، بهار آيو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي تہ زمين تي ساوڪ ئي ساوڪ ٿي پئي آهي، ۽ پٽن تي ساوڪ جو ويس پئجي ويو آهي، چو تہ بهار جو موسم آيو آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. پکين خوشيءَ ۾ ڪهڙو گيت ڳايو؟

پلين خوشيءَ ۾ هي گيت ڳايو تہ، بهار آيو بهار آيو.

2. ”پٽن ڪي پوشاڪ پئجي وئي آ“ مان ڇا مراد آهي؟

”پٽن ڪي پوشاڪ پئجي وئي آ“ مان مراد آهي تہ ”زمين سرسبز ٿي وئي آ.“

### ب هيٺيان بيت مڪمل ڪريو:

1. سيئي چپن تي ___مُرڪ___ سجايو
2. ___پرند___ جيڪي اڏي نہ سگھيا
3. زمين ___سرسبز___ ٿي وئي آ
4. پٽن ڪي ___پوشاڪ___ پئجي وئي آ

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| جمع | واحد | جمع | واحد |
|---|---|---|---|
| بيتَ | بيتُ | مرڪون | مُرڪ |
| خوشيون | خوشي | بهارون | بَهار |
| پوشاڪون | پوشاڪ | خزائون | خزان |

## ر لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سرسبز | ساوڪ |
| جملو | بهار جي موسم ۾ زمين سرسبز ٿي ويندي آهي. |
| پوشاڪ | لباس |
| جملو | بهار جي اچڻ سان وڻن به پوشاڪ پاتي آهي. |
| پرند | پکي |
| جملو | صبح جو پکي پرند منيون منيون بوليون ڪندا آهن. |
| تنگ | بيزار |
| جملو | وڌندڙ مهنگائيءَ ماڻهن کي تنگ ڪري ڇڏيو آهي. |
| هنداڀو | وهاريو |
| جملو | خوشين جا گيت دل ۾ هنداڀو ٻارو |



# اچو تہ آکاڻي ٻڌون

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آکاڻيون | ڳالهيون | مختصر | ٿورو |
| چاهہ | شوق | ورهيہ | سال |
| دانهن | شڪايت | لڇڻ | طريقو |
| آگوندرائيءَ | ڪنيطريقيسان | هري هري | آهستي |
| پوءِ | دٻ | پٽيءَ | صفا |
| بي پهچ | پهچ کان ٻاهر | هاءِ گهوڙا | گوڙ |
| سيڪت | سزا | | |

## سبق جو خلاصو

هيءَ آکاڻي هڪ ڏاهي جي جوڙيل آهي، جنهن جو نالو ”ايسپ“ هو. يوناني ٻوليءَ ۾ ڪُٻي ماڻهوءَ کي ايسپ چوندا آهن، تنهنڪري هن تي اهو نالو پيو.

هيءَ تمثيلي آکاڻي ڏيڏرن جي آهي. ڏيڏر هڪ دفعو يونانين جي ديوتا وٽ ويا ۽ چيائون تہ اسان کي سنا ڪم سيکارڻ لاءِ هڪ بادشاهہ ڏيو. ديوتا جوپيٽر هڪ ٻُنڊ تلاءَ ۾ اڇلائي ڏيڏرن کي چيو تہ اڄ کان وٺي توهان جو بادشاهہ آهي. شروع ۾ تہ ڏيڏر دٻ ۾ ان ٻُنڊ جي ويجهو ئي نہ پئي ويا تہ هيڏي ساري چپ ڪٽي هنن سان وڙهي نہ پوي، پر آهستي آهستي جڏهن ٻنڊ ڪجهہ بہ نہ ڪيو، تہ اهي ٻنڊ تي چڙهي ويهي رهيا. ڪجهہ ئي عرصي ۾ کين محسوس ٿيو تہ ٻنڊ تہ بلڪل بيوس ۽ لاچار

آهي، ڪيس ڪا طاقت ئي ڪانہ اٿس. وري ديوتا ڏانهن ويا. جوپيٽر هنن کي بگهہ پکي بادشاهہ طور ڏئي موڪليو. بگهہ پکيءَ وجڻ سان ئي ڏيڏر کائڻ شروع ڪيا ۽ ويو ڏيڏر کائيندو، تہ ڏيڏر وري جوپيٽر وٽ ويا ۽ چيائونس تہ اسان کي ڪو ٻيو بادشاهہ ڏيو يا اسين پهرين حالت ۾ ٺيڪ آهيون. جوپيٽرکين چيو تہ، جيئن تہ توهان سني حال ۾ خوش ڪونہ هيؤ، انهيءَ ڪري هاڻي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. هاڻي توهان جي بيوقوفيءَ جي سيڪت آهي.

گهڻا ماڻهو اجايون سڌون ڪندا آهن، پوءِ انهيءَ جو اگرو نتيجو نڪرندو آهي. ٻارو! اسان کي بہ اجائين سڌن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڏڻي تعاليٰ اسان کي جنهن حال ۾ رکيو آهي، انهيءَ تي خوش رهڻ گهرجي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. جنهن ڏاهي آکاڻي جوڙي آهي ان جو نالو ڇا آهي؟

ج. جنهن ڏاهي آکاڻي جوڙي آهي ان جو نالو ايسپ آهي.

2. هن آکاڻيءَ جا ڪردار ٻڌايو.

ج. هن آکاڻيءَ جا ڪردار آهن، ڏيڏر ۽ جوپيٽر.

3. ايسپ لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج. يوناني ماڻهو ايسپ ان کي سڏيندا آهن جيڪو ڪبو هجي.

4. هن آکاڻيءَ مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج. هن آکاڻيءَ مان اها نصيحت ملي ٿي تہ الله تعاليٰ جنهن حال ۾ اسان کي رکيو آهي ان تي خوش رهون ۽ شڪر ادا ڪريون.

### ب هيٺيان خال ڀريو

1. ايسپ جون آکاڻيون مختصر ۽ ___مزيدار___ هونديون آهن.
2. سندس آکاڻين جا ڪردار گهڻو ڪري ___جانور___ هوندا آهن.
3. هيءَ آکاڻي ___ڏيڏرن___ جي آهي.

4 سڀ ڏيڏر ڏيندن ۽ تلائن ۾ آگوندرائيءَ ۾ پنهنجي خوشيءَ سان پيا گهمندا هئا.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| آگوندرائي | بيٺُڪي نموني |
| جملو | سڀ ڏيڏر تلائن ۾ آگوندرائيءَ ۾ خوشيءَ سان گهمندا هئا. |
| هاءِ گهوڙا | واويلا مچائڻ |
| جملو | ٻگهه ٻڪي جي پهچڻ سان ڏيڏر هاءِ گهوڙا ڪندا آيا. |
| نسورو | سڄو |
| جملو | ايسپ جون ڪهاڻيون مزيدار ۽ نسورو سچ هونديون آهن. |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| آڪاٽي | آڪاٽيون | چڱي | چڱيون |
| ٻولي | ٻوليون | ترجمو | ترجما |
| ڏانهن | ڏانهون | ڳالهه | ڳالهيون |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مزيدار | بي مزا | جانور | انسان |
| بادشاهه | غلام | خوشي | غم / ڏک |
| ڀلائي | برائي | عرض | حڪم |



# سهڻا سخن

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| صورت | شڪل | درس | سبق |
| سُهڻا سخن | سٺيون ڳالهيون | رهنمائي | اڳواٽي |
| سماج | معاشرو | فرد | ماڻهو |
| طبقا | درجا | آڏو | اڳيان |
| سار | سنڀال، ياد | گهٻرائڻ | پريشان ٿيڻ |
| ويتر | اڃان | ڏاهپ | سياڻپ |
| ڌيرج | آهستي | مهل | وقت |
| قول | چوڻي | ڏاهو | سياڻو |
| ارشاد پاڪ | پاڪ فرمان | وِڪ | قدم |
| | اجر | صلو | |

### سبق جو خلاصو

الله سائينءَ جا لکين احسان جو هن اسان کي انسان جي شڪل ۾ پيدا ڪيو، جوجو انسان ئي ٻين مخلوقات کان افضل ترين آهي. الله تعاليٰ، انسان جي ڀلائيءَ لاءِ انسانن مان ئي ڪن انسانن کي نبي ڪري موڪليو، جن انسانن کي سڌي راهه ڏيکاري.

انبياء ڪرام کان پوءِ ولين ۽ ڏاهن انسانن به قول ۽ فعل سان

سنيون ڳالهيون ٻڌايون، جن تي هلي انسان پنهنجي زندگي سهڻي نموني گذاري سگهي ٿو.

نبين، ولين ۽ ڏاهن جا اهي سهڻا سخن ٿورن لفظن ۾ گهڻي معنيٰ رکن ٿا. اهي هروقت صدا بهار ۽ قيمتي قول آهن، جن تي عمل ڪري هر انسان پنهنجو توڙي ٻين جو ڀلو ڪري سگهي ٿو.

* الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:

"الله آڏو وڏيڪ مان وارو اهو آهي، جيڪو الله کان وڌيڪ ڊڄي".

* حضور ﷺ جن پاڙيسرين جي حقن جي باري ۾ فرمايو:

"اهو ماڻهو مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيڪو پاڻ ته ڍؤ ڪري ڪائي پر سندس پاڙيسري بُکيو هجي"!

* حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ٻه پاڙي جي لاءِ فرمايو:

"پاڙي ناهي پروڙ، ته ڪا رات رنجائي گذري".

* حضرت سليمان عليہ السلام جن سچ کي اتل ڪرڻ لاءِ فرمائي ٿو:

"سچ ڪڏهن ٻه ڪوڙ کان نٿو هارائي".

* حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ فرمايو:

"مصيبت کان گهٻرائڻ ان کان ٻه وڏي مصيبت آهي، ان ڪري مصيبت کي ڏاهپ ۽ ڌيرج سان ئي منهن ڏيڻ گهرجي".

* حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جن سستي ڇڏڻ بابت فرمايو:

"اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نہ ڇڏيو".

* ڏاهو سقراط فرمائي ٿو:

"هر سک ڪانپوءِ ڏک ۽ هر ڏک ڪانپوءِ سک آهي".

* ان باري ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه فرمائي ٿو:

"ڏک، سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري".

* حضرت محمد ﷺ جن رستي تان معمولي تڪليف ڏيندڙ شيءِ کي هٽائڻ

بابت فرمائين ٿا:

”رستي تان ڪندو ياپٿر هٽائڻ بہ اجر ۽ ثواب جو ڪم آهي“.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. الله تعاليٰ وٽ وڏي مان وارو ڪير آهي؟

ج. الله تعاليٰ وٽ وڏي مان وارو اهو آهي، جيڪو الله تعاليٰ کان وڌيڪ ڊڄي ٿو.

2. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن ڪهڙي ماڻهوءَ کي مؤمن نہ ٿا سڏين؟

ج. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جو ارشاد آهي تہ ”اهو ماڻهو مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي جيڪو پاڻ تہ ڍؤ ڪري ڪائي پر سندس پاڙيسري بکيو هجي“.

3. حضرت سليمان عليه السلام سچ بابت ڇا فرمايو آهي؟

حضرت سليمان عليہ السلام سچ بابت فرمايو آهي تہ ”سچ ڪڏهن بہ ڪوڙ کان نہ ٿو هارائي“.

4. مصيبت کي ڪيئن مُنهن ڏجي؟

ج. مصيبت کي ڏاهپ ۽ ڌيرج سان مُنهن ڏجي.

5. سقراط جو ڏک ۽ سک جي حوالي سان ڪهڙو قول آهي؟

ج. سقراط جو قول آهي تہ ”هر سک کان پوءِ ڏک ۽ هر ڏک کان پوءِ سک آهي.

### ب هيٺيان خال ڀريو

1. سچ ڪڏهن بہ ___ڪوڙ___ کان نہ ٿو هارائي.
2. اڄ جو ڪم ___سڀاڻي___ تي نہ ڇڏيو.
3. مصيبت ۾ نہ گهبرائجي، ائين گهبرائڻ سان ___مصيبت___ ويتر وڌندي.
4. اسان کي پنهنجو ڪم بہ ___وقت___ تي ئي ڪرڻ گهرجي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| ڏُکُ | سُکُ | تڪليف | آرام |
| سُنو | خراب | سَزا | جزا |
| سِڌو | ابتو | | |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| سخن | ڳالهيون قول |
| جملو | مسلمان جي نشاني آهي تہ هو هميشہ سهڻا سخن ٻوليندو آهي. |
| سماج | معاشري |
| جملو | سماج ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪري ڪيترين ئي برايون ٿين ٿيون. |
| فرد | ماڻهو |
| جملو | هر فرد کي پنهنجي ملڪ جو دفاع ڪرڻ گهرجي. |